عبدالجبار "قاسم" نظاماڻي
ليڪچرار، گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي

# محمد صديق "مسافر" بحيثيت لطيف شناس

# MUHAMMAD SIDDIQUE "MUSSAFIR" AS A LATIF SHANAS


## Abstract

Muhammad Siddique "Mussafir" was born on 1st April, 1879 in Tando Bago, District Badin. He was son of Gulab Khan. When he became seven years old, he received religious education from 'Maktubb'. He got admission in (Local Board School) Main Sindhi School Tando Bago from where he also passed Vernicular Final Examination. He was appointed as a Primary Teacher in February, 1897. In 1899, got admission for teaching training, in Training College for Men, Hyderabad and completed training course in January 1902. He was appointed as a Primary Teacher in Practice School, Under the Training College for Men Hyderabad.

He started his career as a writer by writing articles in 'Akhbar-e-Taleem' in 1903. He wrote hundreds of articles in this newspaper & other magazines. He also contributed in literary writings. He wrote for children, women and historical persons. He contributed in almost all genres of literature.

"Mussafir" is one of those Muslim poets who wrote about Shah Abdul Latif's life in poetic form. In this poetic prose, "Mussafir" wrote the life history of Shah Abdul Latif Bhitai. He also has written nine Surs of Shah Latif's Rissalo such as Sur Khanbhat, Sur Sarirag, Sur Sohni, Sur Sassui Abri, Sur Leela Chanesar, Sur Kamood, Sur Sorath, Sur Kedaro and Sur Aassa. He also has written 'Mathnavi" about Shah Abdul Latif Bhitai. In this Mathnavi, he focuses on the life of Shah Abdul Latif and his Risssalo.

In above nine Surs, "Mussafir" has portrayed different meanings of words and idioms from other interpreters of Shah Jo Rissalo. All his contributions are included in this article.


محمد صديق "مسافر" جو جنم 1879-4-1ع تي ٽنڊي باگي شهر ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو "گلاب خان" ۽ والده جو نالو "مائي بيگم" هو. محمد صديق "مسافر" کي ستن سالن جي عمر ۾ محلي جي مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. جتي قرآن شريف ختم ڪرڻ کانپوءِ ابوالحسن واري سنڌي به پڙهيو. جڏهن پاڻ اٺن سالن جي عمر کان ٿورو

مٺيرو ٿيو. تہ سندس والد وفات ڪري ويو ۽ پاڻ يتيم ٿي ويو. ان صورتحال متعلق پاڻ لکي ٿو:

"والد مرحوم تاريخ 9 ربيع الثاني سنہ 1305هہ (برابر سنہ 1888ع) ۾ جمع جي فجر جو وفات ڪئي. وفات ڪرڻ وقت ست ٻار ڇڏيائين. پنج نياڻيون (جن مان هڪ نياڻي شادي ڪيل) ۽ بہ پُٽ جن مان هڪڙو راقم نياز مند 'مسافر' ۽ ٻيو ابراهيم. (1)

والد جي وفات کان پوءِ کيس سندس مامي حاجي محمد عارف سنڀاليو. جنهن کيس پهرين آگسٽ 1893ع تي ٽنڊي باگي جي سنڌي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو. اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ داخلا جي تاريخ 1893-8-1ع ڄاڻايل آهي. محمد صديق "مسافر" ڊسمبر 1896ع ۾ ورنيڪيولر فائينل جو امتحان پاس ڪيو. پهرين فيبروي 1897ع تي پرائمري استاد مقرر ٿيو. جنوري 1899ع کان نومبر 1901ع تائين ٽي سال، ٽيچنگ ٽريننگ ڪورس ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ پڙهيو. ڪورس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ کيس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جي پريڪٽيسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ استاد مقرر ڪيو ويو.

محمد صديق "مسافر" سنہ 1902ع کان 1912ع تائين پريڪٽيسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ استاد، سنہ 1912ع کان سنہ 1919ع تائين ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ سنڌي ۽ فارسي جو استاد ٿي رهيو. سنہ 1920ع کان 1925ع تائين لارينس مدرسہ و اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. سنہ 1927ع ۾ شڪارپور جي گورنمنٽ اسڪول ۾ بدلي ٿي ويو. جتان وري سنہ 1928ع ڏاري بدلي ٿي. ٽريننگ ڪاليج فارمين آيو. اُتان 1932ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين، اُن متعلق پاڻ لکي ٿو:

"مارچ 1932ع ۾ 'مسافر' پينشن تي لٿو. (2)

محمد صديق "مسافر" ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جي علمي و ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. کيس شروع کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق هوندو هو. پر باقاعدگيءَ سان لکڻ جو آغاز ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ رهندي "اخبارِ تعليم" ۾ لکڻ سان ڪيائون. هن "اخبارِ تعليم" ۾ متفرقہ چٽڪا جي عنوان سان لکڻ جي شروعات ڪئي. ان کان سواءِ مختلف موضوعن تي مضمون لکيائين، جيڪي قابل ديد آهن. ڪيترائي ڪتاب ترجمہ، تصنيف ۽ تاليف ڪيائين. مختلف موضوعن تي شاعري بہ ڪئي اٿس. عام شاعري کان علاوہ عورتن ۽ ٻارن لاءِ پڻ شاعري ڪئي اٿس. نصابن جي ڪتابن ۾ سندس شاعري آيل آهي. هو لطيف شناس بہ هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حياتي ۽ ڪلام جو احوال سنڌي علم و ادب ۾ اعليٰ مقام جو حامل آهي، شاهہ جي حياتي ۽ ڪلام تي مختلف دانشورن، عالمن، اديبن، فاضلن ۽ محققن ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. اڃان بہ گهڻو ڪجهہ لکيو ويندو.

محمد صديق "مسافر" پڻ مختلف حوالن سان شاهه صاحب بابت ڪافي ڪم ڪيو آهي، هتي محمد صديق "مسافر" جي لطيفيات واري حوالي سان نظم توڙي نثر ۾ ڪيل ڪم جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

## محمد صديق "مسافر" جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت لکيل منظوم مواد:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي حالاتِ زندگي ۽ ڪلام بابت ڪيترن ئي شاعرن ۽ سگهڙن، شاعراڻي ڀيٽا ڏني آهي. اهڙن منظوم خراج عقيدت پيش ڪندڙ شاعرن ۾ محمد صديق "مسافر" جو نالو سرِ فهرست آهي. مسافر ئي اديب، عالم ۽ شاعر هو جنهن شاهه صاحب جي ساري حياتي جو ذڪر نظم ۾ لکيو، جيڪو "اخبارِ تعليم" ۾ قسطوار شايع ٿيو هو. سندس اهو نظم هن ريت آهي:

## سيد عبداللطيف شاهه ڀٽائي عليہ رحمت جو ٿورو ذڪر:

محمد صديق "مسافر" نظم جي هن حصي ۾ شاهه صاحب جي والد، شاهه حبيب جي بزرگي، سندن خاندان جي ايران کان سنڌ ۾ آمد ٿي، شاهه صاحب جي ولادت جو سال 1102هه آهي، اُن بابت لکي ٿو.

سڻو قصو سندو شاهه عبداللطيف،
ڪري ذِڪر جو نظم ۾ هي نحيف.
پِدر شاهه صاحب جو هو شاهه حبيب،
خدائي محبت پريو جو ليب.
وڏا شاهه جا آيا ايران کان،
رهيا سي اچي سنڌ ۾ شان سان.

هيٺين مصرعن ۾ ولادت بابت لکي ٿو:

ڪتياڻن جي ويجهو ڀٽئي پور وَسي،
ڀٽائي سندي ات ولادت رَسي.
هزار ۽ ٻه ڪو سؤ هو هجر سال (1102هه)،
صدي عيسوي سترهين هئي. بحال (1689ع)، (3)

## شاهه صاحب جي شادي:

محمد صديق "مسافر" نظم جي هن حصي ۾ مرزا مغل بيگ جي بهادري، جرئت، مغل جو شاهه صاحب جي خاندان ۾ اعتماد، مغل جي نياڻي سان شاهه صاحب جي دل لڳڻ، نيٺ ٻيبي صاحبہ جو شاهه صاحب کي سنگ ملڻ، شاهه صاحب کي ان مان اولاد نہ

ٽيڻ جو بيان هن طرح ڪيو اٿس.

مغل بيگ ميرزا هئو نامور،
وڏي خاندان اهل پرده پدر.
گهٽو ئي هُئس شاهہ ۾ اعتماد،
ڪُٽنب ۽ قبيلي سان هو بامراد.
هُئي هڪ نياڻي مغل بيگ کي،
سندي شاهہ صاحب تي دل ان مٺي.
رکيائون اچي شاهہ سان نيٺ رَس،
ڏنائون اهو شاهہ کي سنگ بس.
ٽيو ڪونہ بيبي منجهان شاهہ ٻن،
عبادت ۾ زوجين هُئا رات ڏِن.(4)

## شاهہ صاحب جي هلت چلت ۽ مذهبي خيال:

شاهہ صاحب مڙني خوبين سان مالامال هو. گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ کائڻ، گهٽ سُمهڻ، زندگي جي ڪاروهنوار ۾ ڪنهن کي بہ نہ ڏکوئڻ، نفس کي مارڻ، شريعت ۽ طريقت ۾ معرفت ماڻڻ، حقيقت تي پهچڻ، حقيقت ڪانپوءِ ئي انسان اصليت واري روپ ۾ اچي ٿو ۽ بهترين زندگي گذاري ٿو. ائين شاهہ صاحب جي بہ زندگي گذري هئي. محمد صديق "مسافر" شاهہ صاحب جي هلت چلت ۽ مذهبي خيالن بابت چوي ٿو.

عجب شاهہ سندا هئا خصال،
اُنهن ساڻ هو فيض ۾ مالا مال.
ڪندو ٿورڙو وقت تي هو ڪلام،
ضرورت تي هو کائيندو ٿورو طعام.
اکين عشق وارين مان ڪوليائين خفت،
سمهڻ ۾ نہ ڏيندو هو ڪو وقت مفت،
اُنهن لاءِ ڏيندو ٻين هو صلاح.
فقيرن جي هي عادتون افتتاح،
ڪنهن کي ڏکوئڻ نہ هو ان پسند.
سندس سارو وهنوار هو دلپسند،
نہ ڪنهن سان ڪندو بحث ۽ هوڙ هو.
نہ چوندو ڪنهن کي ڪڏهن ٻوڙ هو،
ڪيئين نفس پنهنجي ماري مطيع.

هُئا حرص ساري سنڀاري مطيع،
هو شاهه صاحب جو مذهب عجيب.
مسلماني درويشي ٻئي ٿيون قريب،
رکئين پنهنجو محڪم شريعت ۾ پير.
تهان پوءِ طريقت ۾ آيو دلير،
حقيقت منجهان معرفت جا مزا.
ڏنئين پاڻ پڙ ٻين تي ڪئين عطا،
ڪڏهن هوئس مجازي متن سان جند،
ڪڏهن هو حقيقي ۾ رندن جو رند.
رکيائين راڳ سان پنهنجي دل،
حقيقي محبت ۾ هو مستقل.
غرض فيض پائي ٿيو فيضياب،
ڪري جهد ڪامل ٿيو ڪامياب.
حقيقت ۾ اي عشق جو آهه رند،
”مسافر“ اجايا ٻيا فڪر فند.(5)

## شاهه صاحب جي وفات:

دنيا درگذر جو مڪان آهي، نبي، قطب ۽ غوث سڀ لڏي ويا. جڏهن شاهه جي عمر 63 سال ٿي ته، حڪمِ خداوندي جي پُڪار ٿي، 14 صفر المظفر 1165هه تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائون. محمد صديق ”مسافر“ شاهه صاحب جي حالاتِ زندگي بابت لکيل هن نظم جي پڇاڙي ان حوالي سان هن ريت ڪري ٿو.

دنيا آهه يارو گذر جو مڪان،
ڪنهين جو نه هي دائمي آستان.
نبي قطب ۽ غوث سڀ ويا لڏي،
فقط نيڪ نالو دنيا ۾ ڇڏي.
جڏهن شاهه صاحب جن جي حياتي شريف،
اچي ٽيهٺ سال پاتي شريف.
تڏهن ارجعي جي ٿين هت پُڪار،
چيائون دل و جان لبيڪ يار.
مهيني جي تاريخ 14ڏهين صفر،
ڪري ويو هتان شاهه صاحب سفر.
اِهو سال هجري لڏڻ ڪاڻ هو،

هزار ۽ سنيو سئو پنجين سال ھو (1165ھ).
خدايا "مسافر" کي منزل پڄائي،
تان ڪوچ سان فتح فائق ڪرائي. (6)

## محمد صديق "مسافر" جي شاھ عبداللطيف ڀٽائي بابت لکيل مثنوي:

محمد صديق "مسافر" بلندپائيه شاعر هو. سندس شاعري جا جوهر "منازلِ مسافر بمع ڪُلياتِ مسافر" ۾ نمايان نظر اچن ٿا. انهيءَ ڪانسواءِ اخبارِ تعليم، اخبار الوحيد، اخبار همدرد ۽ ٻين ڪيترن اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس شاعري شايع ٿيل آهي. شاعري جي هر هڪ صنف جو هو ماهر هو. سندس ٽاهيل مثنويون: "برسات"، "زال ذات جو درجو"، "رات راڻي ۽ ڏينهن شينهن" بهترين آهن. محمد صديق "مسافر" جي لطيف شناسي واري اهليت ۽ شاھ صاحب سان عقيدت جو اندازو سندس ٽاهيل مثنوي مان بخوبي ٿئي ٿو. جنهن ۾ هن لطيف سائين جي زندگي جون ڪِئين خوبيون بيان ڪيون آهن، ان مثنويءَ ۾ "مسافر" شاھ صاحب کي عارفن جو اڳواڻ ۽ شاعرن جو سرتاج وارو خطاب ڏئي ٿو.

شاھ جي رسالي کي ڏسڻ سان دل کي قرار ايندو، هو سھڻي، سسئي، ليلان، مومل، نوري، مارئي کي ڳائي ٿو، گهيڙ جو گهاتو بنجي قدم کڻي ٿو، سندس خيال آهي تہ رسالي سنڌي ادب کي يورپ ڏيکاريو هو. اهڙي ريت "مسافر" بيان ڪري ٿو تہ شاھ جو رسالو سنڌ ادب جو خزانو آهي. جنهن ۾ تشبيھ، ڪنايہ، پهاڪا ۽ اصطلاح ڪم آيل آهن. هن انهي مثنويءَ ۾ شاھ جي عبادت، رياضت، وطن جي حب وارو پهلوءَ بہ ظاهر ڪيو آهي. انهي مثنويءَ مان "مسافر" جي لطيف شناسي بابت وسيع سوچ جي پروڙ پوي ٿي، مثنوي هيٺ ڏجي ٿي:

اڳواڻ عارفن جو لاشڪ لطيف سائين.
سرتاج شاعرن جو لاشڪ لطيف سائين.

سچ شاھ جو رسالو تؤ آرسي بلوري
آبي اکين سان ان ۾ پايو جي جهاتي ٿوري
هڪدم قرار ايندو تان ڪير هو ڀٽائي
ميدان معرفت جو شهہ زور هو ڀٽائي
ان پاڻ کي سڃاڻي سهسين ڪيا سڃاڻو
فطرت خدا ۽ فطرت انسان جو هو ڄاڻو
اڳواڻ عارفن جو لاشڪ لطيف سائين.
سرتاج شاعرن جو لاشڪ لطيف سائين.

انسان ذات ان جي نيڪي پريل نظر ۾
هڪ جسم جاهئا عضوا هڪ روح جي هئا سر ۾
سُهڻي ڪئي تو ٻڌجي ڪِٿ تو سسئي سڏائي
ليلان ٿئي ۽ مومل ڪِٿ گندري تو ڳائي
ڪٿ ويس مارئي ۾ نالو وطن وَڃائي
سيوڪ ٻنجو سمنڊ جي، پاڻي پيو تو پائي
اڳواڻ عارفن جو لاشڪ لطيف سائين.
سرتاج شاعرن جو لاشڪ لطيف سائين.

تؤ شاهه جو رسالو سنڌي ادب جو خزانو
جنهن کي چون فصاحت جو هڪ ترانو
ان ۾ پريل بلاغت جا بي بها خواهر
تشبيهه استعارا، صنعت سندا جواهر
ڇا ڇا عجيب ان ۾ ڪئين اصطلاح آيا
پختا عجب پهاڪا ٻيا روح بخش رايا
اڳواڻ عارفن جو لاشڪ لطيف سائين.
سرتاج شاعرن جو لاشڪ لطيف سائين.

افسوس! اي رسالو ڇانٽيو اڃان نه ڇانگيو
موتين سچن جي تڙ کي تارن اڃان نه تانگهيو
ڇا ايئن تتيل ڇڏيندو ٻولي جي ان شفا کي
سالم صحيح تصوف نروار آهي ان ۾
صورت معنيٰ عشقي پندار آهي ان ۾
اڳواڻ عارفن جو لاشڪ لطيف سائين.
سرتاج شاعرن جو لاشڪ لطيف سائين.

هرگز ڇڏي نه ڏيندي سوسائٽي ادب جي
تن من مٿس ڌريندي سوسائٽي ادب جي
سندرو ڪپي صداقت جو ۽ قلم جي ڪوڏر
ڏسجو پون پڌر ڇا بي بها تا گوهر
حق آهه تان ادب جا طالب ڪش ڪمر جا
مهراڻ جي "مسافر" ڪَن خلق کي خبر ڪا
اڳواڻ عارفن جو لاشڪ لطيف سائين.
سرتاج شاعرن جو لاشڪ لطيف سائين.(7)

## محمد صديق "مسافر" جي لکيل، شاھ جي رسالي جي سُرن جو مختصر جائزو

سنڌي علم و ادب ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو اعليٰ مقام آهي. اُن ڪان ڪير بہ انڪار نٿو ڪري سگهي. شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي حياتي ۽ رسالي تي مختلف پهلوئن کان لکيو ويو آهي. شاھ جو رسالو پڻ ڪيترن ئي عالمن، اديبن مرتب ڪيو آهي. جهڙوڪ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، (1866ع) ۽ قاضي ابراهيم (1867ع)، تاراچند شوقيرام (1900ع)، مرزا قليچ بيگ (1913ع)، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي (31-24-1923ع)، غلام محمد شهواڻي (1950ع)، خان بهادر محمد صديق ميمڻ (1951ع)، محمد عثمان ڏيپلائي (1951ع)، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي (1958ع)، ڪلياڻ آڏواڻي (1958ع)، علامہ آءِ آءِ قاضي (1961ع)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (1994-1989ع)، الهداد جنجهي (1994ع)، گنج شريف ممتاز مرزا (1995ع)، ٻانهو خان (2012ع).

شاھ جي رسالي کان سواءِ ڪيترن ئي عالمن، فاضلن ۽ اديبن، رسالي جا جدا جدا سُر پڻ ترتيب ڏنا آهن، جهڙوڪ ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي، مرزا قليچ بيگ، ليلارام وطن مل لعلواڻي، مرزا اجمل بيگ، علي خان ابڙو، رشيد احمد لاشاري، الهبخش ٽالپر، حميد سنڌي، محمد عرس صائب، ڊاڪٽر نواز علي شوق، محمد صالح ڀٽي، مرزا حبيب ، شيخ عبدالرزاق، آغا سليم، ايم.حسن علي، مرزا حبيب، زيب ڀٽي وغيره وغيره. محمد صديق "مسافر" شاھ جي رسالي جا 9 سُر مرتب ڪيا هئا، جيڪي آر.ايچ احمد برادرس وارن شايع ڪيا هئا. سندس تيار ڪيل سُرن جو تعارفي ۽ تشريحي جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

### 1. سُر ڪنيات:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر ڪنيات معنيٰ ۽ شرح سان" پهريون دفعو آر.ايچ احمد اينڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ، وارن سال 61-1960ع ۾ مدينہ پرنٽنگ پريس، رسالہ روڊ، حيدرآباد ڇپائي پڌرو ڪيو هُو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي 92 صفحن تي مشتمل آهي. هي سُر "مسافر" جي حياتي ۾ ئي شايع ٿيو هو.

ڪتاب جي صفحو 1 کان 8 تائين "شاھ ڀٽائي عليہ رحمت جي مختصر سوانح عمري" جو احوال لکيل آهي، صفحو 9 کان 11 تائين "شاھ جو رسالو ۽ ان جا سُر" وارو مضمون ڏنل آهي، صفحو 12 کان 14 تائين "سُر ڪنيات"، "ظاهري مضمون ۽ "سر جو روحاني راز" وارا مضمون ڏنل آهن، صفحو 15 کان 43 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سجو متن ٻن داستانن تي مشتمل آهي. صفحو 44 کان 92 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي "معنيٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

## 2. سُر سَريراڳ :

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر سَريراڳ لفظي ۽ معنوي معنائن ۽ شرح سان" جيڪو دفعو ٻيو آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 1970ع ۾ شايع ڪيو هو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي 112 صفحن تي مشتمل آهي. ٻيو ڇاپو "مسافر" جي وفات کانپوءِ شايع ٿيو هو.

هِن ڪتاب جي صفحي 1 تي اندريون ٽائيٽل ۽ صفحي 2 تي ديباچو لکيل آهي. ڪتاب جي صفحي3 کان 11 تائين "شاهہ عبداللطيف جي حياتي جو مختصر احوال" لکيل آهي، صفحي 12 کان 13 تائين "سُر سَريراڳ" جو مضمون ڏنل آهي، صفحو 14 کان 49 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سچو متن ڇهن داستانن تي مشتمل آهي. صفحو 50 کان 112 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي "معنيٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

## 3. سُر سهڻي:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر سهڻي لفظي ۽ روحاني معنائن ۽ سمجهاڻين سان" پهريون دفعو آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 1964ع ۾ مدينه پرنٽنگ پريس، رسالہ روڊ، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي 217 صفحن تي مشتمل آهي. هي سُر "مسافر" جي وفات کان پوءِ شايع ٿيو هو.

ڪتاب جي صفحي 1 کان11 تائين "شاهہ جي حياتي جو مختصر احوال" لکيل آهي، صفحي 12 کان 18 تائين "سُر سُهڻي، سُر بابت، سُر جو مضمون" بابت احوال ڏنل آهي، صفحي 18 کان 25 تائين "سُر جو روحانيٰ" راز ڏنل آهي. صفحي 26 کان 102 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سچو متن نون داستانن ۽ ابيات متفرقہ تي مشتمل آهي. صفحو 103 کان 217 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي "معنيٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

## 4. سُر سسئي آبري:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر سسئي آبري معنيٰ ۽ شرح سان" جيڪو پهريون دفعو آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 1960ع ۾ مدينہ پرنٽنگ پريس، رسالہ روڊ، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هُو. هي سُر "مسافر" جي حياتي مرئي شايع ٿيو هو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي 187 صفحن تي مشتمل آهي.

ڪتاب جي صفحو 1 کان 4 تائين "شاهہ جي زندگي جو احوال" لکيل آهي، صفحو 4 کان 7 تائين "شاهہ صاحب جي تعليم ۽ تربيت"، صفحو 7 کان 9 تائين "شاهہ صاحب جو سير ۽ سفر"، صفحو 9 کان 12 تائين "شادي ۽ پٽ جي آبادي"، صفحو 12

ڪان 13 تائين "شاهہ جو حليو ۽ شڪل"، صفحو 13 ڪان 14 تائين "شاهہ جي وفات"، صفحو 15 ڪان 18 تائين "سُر سسئي آبري" سُر ۾ ذڪر ڪيل آکاڻي ڏنل آهي، صفحو 18 ڪان 23 تائين سُر جو "روحاني راز" ڏنل آهي. وري نئي سري ڪان صفحو 1ڪان 74 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سڄو متن يارهن داستانن ۽ ابيات متفرقہ تي مشتمل آهي. صفحو 75 ڪان 187 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي "معنيٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

## 5. سُر ليلان چنيسر:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر ليلان ۽ چنيسر معنيٰ ۽ سمجهاڻين سان" جيڪو پهريون دفعو آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن ۾ ٻيو دفعو بہ انهن، سال 68-1967ع ۾ نيو گرين پرنٽرز، مير گارڊن اسٽيشن روڊ، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي 76 صفحن تي مشتمل آهي. ٻيو ڇاپو "مسافر" جي وفات ڪانپوءِ شايع ٿيو.

ڪتاب جي صفحي 1 ڪان 9 تائين "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت جي مختصر سوانح عمري جو احوال" لکيل آهي، صفحو 10 ڪان 12 تائين " شاهہ جو رسالو ۽ ان جا سُر " ڏنل آهي، صفحو 13 ڪان 17 تائين "سُر ليلان چنيسر جي آکاڻي" لکيل آهي. صفحو 18 ڪان 19 تائين "روحاني راز" ڏنل آهي. صفحو 20 ڪان 35 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سڄو متن ڇهن داستانن تي مشتمل آهي. صفحو 36 ڪان 76 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي "معنيٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

## 6. سُر ڪاموڏ:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر ڪاموڏ شرح معنيٰ سمجهاڻين سميت" جيڪو پهريون دفعو آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلرس شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ وارن سال 1964ع ۾ نوراني پرنٽنگ پريس، آڏواڻي گهٽي، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هُو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي صفحن 40 تي مشتمل آهي. هي سُر "مسافر" جي وفات ڪانپوءِ شايع ٿيو هُو.

ڪتاب جي صفحي 1 ڪان 9 تائين "شاهہ صاحب جي حياتي جو مختصر احوال" ڏنل آهي. صفحي 10 ڪان 12 تائين سُر ڪاموڏ جو مضمون ڏنل آهي، صفحو 12 ڪان 13 تائين "سُر جو روحاني راز" آيل آهي. صفحو 14 ڪان 23 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سڄو متن ٻن داستانن تي مشتمل آهي. صفحو 24 ڪان 40 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي پيش ڪئي ويئي آهي.

## 7. سُر سورٺ:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل، "سر سورٺ معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت. پهريون دفعو آر. ايچ احمد برادرس، پبليشرز، بڪسيلرز اينڊ اسٽيشنري مرچنٽ شاهي بازار حيدرآباد وارن سال68-1967ع ۾ مفيد پرنٽنگ پريس، رشي گهاٽ روڊ بڪرا منڊي، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز ۾ 122 صفحن تي مشتمل آهي. هي سُر "مسافر" جي وفات کانپوءِ شايع ٿيو هو.

ڪتاب جي صفحي 1 کان 9 تائين شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت جي مختصر سوانح عمر لکيل آهي، صفحو 10 کان 12 تائين شاهه جو رسالو ۽ اُن جا سُر، صفحي 13 کان 18 تائين سُر سورٺ، آکاڻي ۽ سُر سورٺ جو مضمون، صفحي 19 کان 21 تائين ڪهاڻي جو روحاني راز لکيل آهي. صفحي 22 کان 41 تائين سُر جو متن ڏنل آهي، سڄو متن ڇئن داستانن تي مشتمل آهي، صفحو 42 کان 122 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي.

## 8. سُر ڪيڏارو:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر ڪيڏارو لفظي، روحاني معنيٰ ۽ شرح سان" جيڪو پهريون دفعو آر. ايچ احمد اينڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 63-1962ع ۾ مدينه پرنٽنگ پريس، رساله روڊ، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي 80 صفحن تي مشتمل آهي. هي سُر "مسافر" جي وفات کانپوءِ شايع ٿيو هو.

ڪتاب جي صفحو 1 کان 8 تائين "شاهه عبداللطيف عليہ رحمت جي زندگي جو مختصر احوال" آيل آهي، صفحو 9 کان 11 تائين سُر بابت مضمون ڏنل آهي، صفحو 12 کان 14 تائين "سُر جو روحاني راز" ڏنل آهي. صفحو 15 کان 40 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سڄو متن ڇهن داستانن تي مشتمل آهي. صفحو 41 کان 80 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي.

## 9. سُر آسا:

محمد صديق "مسافر" جو تيار ڪيل "سر آسا معنيٰ ۽ سمجهاڻي سان" اهو سُر پهريون دفعو آر. ايچ احمد اينڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 61-1960ع ۾ مدينہ پرنٽنگ پريس، رساله روڊ، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اِهو ڪتاب ڊيمي سائز جي 120 صفحن تي مشتمل آهي. هي سُر "مسافر" جي حياتي ۾ ئي شايع ٿيو هو.

هِن ڪتاب جي صفحي نمبر 1 تي اندريون ٽائيٽل، صفحي نمبر 2 ديباچو لکيل آهي.

صفحي نمبر 3 کان 12 تائين "شاهه جي حياتي جو مختصر احوال" ڏنل آهي، نئين سري سان صفحي نمبر 1 کان 4 تائين "سُر آسا بابت" ۾ سُر جو روحاني راز لکيل آهي. صفحي نمبر 5 کان 44 تائين سُر جو متن ڏنل آهي. سڄو متن ڇهن داستانن تي مشتمل آهي. صفحو 45 کان 120 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي "معنيٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

محمد صديق "مسافر"، سُر ڪنيات جي هر هڪ بيت جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي آهي. "مسافر" وڏو پورهيو ڪري ڪيترن ئي لفظن جي معنيٰ ٻين لکندڙن کان مختلف نوعيت جي ظاهر ڪئي آهي. هيٺ معنائن جي اهڙي تفاوت کي پيش ڪجي ٿو.

پيشانِيَ ۾ پِرِيَ جي، پَلائِيَ جا پِيرَ، (داستان پهريون، بيت پيو، سٽ پهرين)
آهُرَ ۾ ايلاچيُون، چَندَنُ چَري چَلُ، (داستان پهريون، بيت ڇهون، سٽ ٻي)
مون گهَرِ واڌائِي، پيئِي ڪامَ ڪَرَنِ ۾، (داستان پهريون، بيت انون، سٽ ٽيئن)
چَندَ چُئَنِ حَقَ، جي وِڙهين جي وَچِرِين، (داستان پهريون، بيت سورهون، سٽ پهرين)
سَئِين سُپيرين جي، ونگي پاءِ مَ واڻَ، (داستان ٻيون، بيت سورهون، سٽ ٻي)
اَصل آهي اَهِنجو، ناليرو نَڏاڻُ، (داستان ٻيون، بيت سترهون، سٽ ٻي)

پِيرَ:
- ميڙ، ڍير، پنڊار، خزانا (8)
- خزانا، پنڊار، نشان (9)
- نمونا، نشانيون (10)

آهُرَ:
- (ف، آخر) وٿاڻ (11)
- وٿاڻ (12)
- چاري جي ڪونڊي (13)

ڪام:
- ٻچ، ساڙو، حسد (14)
- ساڙ، حسد (15)
- جل، باهه (16)

وَچِرين:
- وچرڻ، (سن: وچلڻ)، حيران ٿيڻ، پريشان ٿيڻ، خفا ٿيڻ (17)
- خفا يا پريشان ٿيڻ (18)
- هٿين پوڻ (19)

پاءِ:
- پائڻ (20)
- سمجهه (21)

نَڏاڻُ:
- (سن: نڏاڻ)، گهر، ڪٽنب، خاندان، ذات، خزانو (22)
- خاندان (23)
- پوري طرح (24)

"مسافر" سُر ليلان چنيسر جي هر هڪ بيت جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي آهي.

جيڪا پنهنجي انداز ۾ ٻين محققن جي ڪيل معنائن کان نرالي بيٺي آهي ۽ اها هڪ عام مطالعو ڪندڙ کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي. ڪجهه ڏکين لفظن جي ”مسافر“ طرفان ڪيل اهڙي معنيٰ جي ٻين محققن پاران ڪيل معنيٰ سان ڀيٽ پيش ڪجي ٿي ته جيئن پڙهندڙن کي ”مسافر“ جي ڪيل پورهئي جو صحيح صحيح اندازو ٿي سگهي.

(1) ٻري جي ٻنارُ، ته ميرياڻي مانُ لَهان. — داستان پهريون، بيت ٻيو، سٽ ٻي

(2) چَنيسَرُ چَؤرنگُ، ٻَرنگو لوڪُ ٻئو — داستان پهريون، بيت چوٿون، سٽ پهرين

(3) هارُ ڪَنَندِيَس هوڏَ ۾، نيبہَ ٿيندُمِ نِٽُ، — داستان پهريون، بيت ستون، سٽ ٽي

(4) اِنَ گهوڙنِ هَنئي گَهٽيُون، دوسَنئا دُورِ ڪِئون. داستان پهريون، بيت اٺون، سٽ ٽي

(5) سونا ڪُرَّ ڪَنَن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هارَ — داستان پهريون، بيت يارهون، سٽ پهرين

(6) ڍولي تَڏِه ڍيلِيين، سوپي! ٿيَءِ نہ سارَ — داستان پهريون، بيت تيرهون، سٽ ٻي

(7) ٻالا پَنَ جو ٻوڪُ، وِئو ويچارِيَ وِسَري. — داستان ٻيو، بيت پهريون، سٽ چوٿين

(8) سامُها ٿِيَمِ سُورَ، وِئو وِلُڙي وَلَهو! — داستان ٻيو، بيت ٻارهون، سٽ ٽي

(9) چَنيسَرَ سين چاڳ، مَتا ڪا مُنڊ! ڪَري، — داستان ٽيون، بيت پهريون، سٽ پهرين

**ٻري**
- ٻري < مڙي، ملي(25)
- وري ملي(26)
- راضي ٿئي(27)

**چؤرنگ**
- ”سن: چتر = چار + رنگ = رمز“ چئن رنگن وارو گهڻ گڻن، فندن ۽ رمزن وارو يعني اُهو رمزيل کيڏاري ۽ سياڻو ماڻهو جنهن کي ڪو پنيلائي نہ سگهي. (28)
- چئن رنگن وارو (رمزن وارو) کيڏاري(29)
- ذ – صفت، چئن رنگ وارو پهلوان جوان مرد(30)
- گهڻن سٽائن وارو جنهن جا اراده پر کي نہ سگهجن(31)

**نيبہَ**
- جٽاءُ، هميشگي، نباهڻ، (سن = نر واهڻ)، توڙ تائين هلڻ(32)
- جٽاءُ، هميشگي، توڙ تائين هلڻ وارو، قائم رهڻ(33)
- ڦبي ويندم (34)

**اِنَ گهوڙنِ هَنئي**
- هِن مصيبت ڪاڏي يا مار پئي، هار (35)
- مصيبت ۾ ڦاٿل يا سزا مليل(36)
- مصيبت ۾ آيل، آفت ۾ آيل، مار پيل، مصيبت پيل (37)
- نياڳو(38)

**ڪُرّ**

پنڙا (39)
ع: قرط، ڪرڪون، ڳن، پنڙا (40)
پنڙو، والو (41)
پنڙا (ڪن جي زيور جو نالو) (42)

**سارَ**

سارڻ، سن: سمرڻ، سرت، سُڌ، سماءُ (43)
سُرت، سُڌ، سماءُ (44)
يادگيري، سنڀار، ساروڻي، سرت، حب، سِڪ، تانگهہ، خبر، مهرباني (45)
سجاڳي (46)

**ٻوڪُ**

ٻوڪجڻ < ڦوڪجڻ (پرا: پـ، سن: پسپ، ڦوهہ) ڦولارجڻ، ٻور جهلڻ، ٻالا پڻ جو ٻوڪ، جواني جو ڦوهہ يا خنڪي (47)
ڦولارجڻ، ٻُور جهلڻ، جواني جي چلولائي ۽ چنچلائي (48)
ڦوهہ جواني، ابتداء، وڏو آواز، داهون ڪندڙ (49)
ننڍپڻ جي بي پرواهي، مستي (50)

**وِلُٽِي**

ولٽڻ، يا الٽڻ (پرا: ولٽ، سن: پريسنت، الٽو) پوئتي وڃڻ، ڦري وڃڻ پٺ ڏيڻ[51]
پٺ ڏئي پوئتي وڃي (52)
ڪاوڙ غصو، ڏمر، رنج، ٽاٻو ڪائڻ، پٺتي موٽڻ، ڦري وڃڻ، پٺ ڏيڻ[53]
ناراض ٿيڻ (54)

**چاڳ**

چاءُ، چاڳ، ناز، نخرو، چاوت بغض، ڪينو (55)
ماٽو، ناز (56)
پيار، عشق، ڏ-نخرو، ناز، انگل، ماٽو لاڏ، هيج، حب، اٽڪل)[57]
حجت ۽ انگل آرا (58)

محمد صديق "مسافر" سنڌي نصاب لاءِ، سنڌي سونهون بہ لکيون هُيون. نصاب ۾ جيڪي شاهہ جي رسالي مان بيت ورتا ويا هُئا، "مُسافر" اُنهن بيتن جون معنائون ۽ آسان سمجهاڻيون پڻ لکيون هُيون، جنهن سان هُن شاگردن لاءِ شاهہ جي رسالي کي سمجهڻ جي حوالي سان آساني ڪري وڌي. اهڙي ريت شاگردن لاءِ شاهہ صاحب کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ سولو ٿي پيو.

حوالا:


1. "مسافر"، محمد صديق، "منازلِ مسافر بمع ڪُلياتِ مسافر"، ڇاپو پهريون، 1954ع، ڇپائيندڙ: آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد، صفحو نمبر 9.
2. "مسافر"، محمد صديق، "سنڌي سونهون درجو ڇهون"، ڇاپو ٻيو، 1954ع، ڇپائيندڙ: آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس بُڪ سيلر شاهي بازار حيدرآباد، صفحو نمبر 139.

3. ”مسافر“، محمد صديق، ”سعيد عبداللطيف ڀٽائي جو ٿورو ذڪر“، ڀاڱو ٻيو، اخبارِ تعليم، سيپٽمبر 1903ع، صفحو نمبر9.
4. ”مسافر“، محمد صديق، ”سعيد عبداللطيف ڀٽائي جو ٿورو ذڪر“، ڀاڱو ٻيو، اخبارِ تعليم، سيپٽمبر 1903ع، صفحو نمبر9.
5. ”مسافر“، محمد صديق، ”سعيد عبداللطيف ڀٽائي جو ٿورو ذڪر“، ڀاڱو ٻيو، اخبارِ تعليم، ڊسمبر 1903ع، صفحو نمبر5.
6. ”مسافر“، محمد صديق، ”سعيد عبداللطيف ڀٽائي جو ٿورو ذڪر“، ڀاڱو ٽيون، اخبارِ تعليم، جنوري 1904ع، صفحو نمبر5.
7. قمبراڻي، عبدالباري، ”محمد صديق ’مسافر‘ جون ادبي خدمتون“ (قلمي لکيل)، صفحو 30.
8. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو“ ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر167.
9. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر69.
10. ”مسافر“، محمد صديق، ”سُر ڪنيات“، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پ صفحو نمبر45.
11. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو“ ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر167.
12. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر69.
13. ”مسافر“، محمد صديق، ”سُر ڪنيات“، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر48.
14. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو“ ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر168.
15. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر169.
16. ”مسافر“، محمد صديق، ”سُر ڪنيات“، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر48.
17. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو“ ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر169.
18. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر70.
19. ”مسافر“، محمد صديق، ”سُر ڪنيات“، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر53.
20. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو“ ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر172.
21. ”مسافر“، محمد صديق، ”سُر ڪنيات“، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر71.
22. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو“ ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي

ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر172.
23. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر73.
24. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايچ. ائنڊ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر71.
25. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر463.
26. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر231.
27. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايچ. ائنڊ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر37.
28. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر464.
29. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر231.
30. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد پهريون (ا – ڄ)، 2004ع سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر743.
31. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايچ. ائنڊ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر39.
32. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر48.
33. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد ٽيون (ڪ – ي)، 2005ع سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر1533.
34. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايچ. ائنڊ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر42.
35. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر466.
36. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر231.
37. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد پهريون (ا – ڄ)، 2004ع سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر743.
38. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايچ. ائنڊ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر43.
39. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر466.
40. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر232.
41. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد ٻيو (ڇ - ڪ)، 2004ع سنڌي

ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر431.
42. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر46.
43. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر467.
44. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر232.
45. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد ٻيو (ڇ - ڪ)، 2004ع سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر748.
46. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر48.
47. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر469.
48. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر233.
49. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد پهريون (ا - ڇ)، 2004ع سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر431.
50. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر54.
51. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر471.
52. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر234.
53. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد ٽيون (ڪ - ي)، 2005ع سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر1533.
54. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر59.
55. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" ڇاپو پنجون، 2007ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر473.
56. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 2013ع. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، صفحو نمبر235.
57. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد پهريون (ا - ڇ)، 2004ع سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر709.
58. "مسافر"، محمد صديق، "سُر ڪنيات"، 1961ع، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، صفحو نمبر67.